**حَسِين مسرت**
[پي.ايڇ. ڊي. اسڪالر / اسسٽنٽ پروفيسر، ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، سنڌ
**ڊاڪٽر ريحانہ نظير**
[ اسسٽنٽ پروفيسر سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو]

# چونڊ سنڌي ناولن ۾ عورت جي خود مختياريءَ جي تصور جو جائزو

## Insight into the concept of Women Empowerment in selected Sindhi novels

**Abstract:**

*Women Empowerment has many definitions and this paper endeavors to analyze its meaning in the light of Sindhi novels. It stresses that certain good novels factually present freedom and empowerment from a genuine feminist and humanistic tender perspective. Feminism is the name of struggle against gender discrimination as it springs out of societal arcane and moribund prejudices and pre- conceived archaic sick notions, beliefs and biases. Since its inception in 1889 Sindhi novel portrays women's role as per every writers' perception as a lover and a supporter but women empowerment or freedom has not been fully delineated. The paper underlines the vital imperative to focus and project via fiction women struggle for social empowerment and create consciousness about her survival issues in a male dominated sadistic environment. The novels have been pivotal in performing this task effectively and this must continue as a social tool.*

هر سماج ۾ عورت سان متڀيد وارا رويا موجود هوندا آهن. عورتن جي حقن وقرو نظريو ’فيمينزم‘ جي تحريڪ ڪنهن مخصوص طبقي، خطي ۾ ڪنهن خاص دور جي علمبردار نہ آهي، پر هيءَ واحد تحريڪ آهي، جيڪا سڄي دنيا جي عورتن سان ٿيندڙ استحصالي سلوڪ کي تبديل ڪرڻ لاءِ هلائي ويئي آهي.فيمينزم کي ڏاريو يا مغرب جو نظريو چئي ڌڪاريو وڃي ٿو ۽ ان کي سنڌي سماج کان الڳ تصور ڪيو ويندو آهي، پر اهو شعور ڪو ٻاهران آيل تصور نہ آهي. هي نظريو جنس جي تعصب کان آزاد، رنگ نسل جي متڀيد کان پاڪ سماج جو تصور پيش ڪري ٿو. ان ڪري هر ملڪ ۾ هر خطي جي عورتن توڙي مردن جو پنهنجي سماج ۾ موجود جنسي تفريق وارن روين خلاف پنهنجي شعور ۾ ڄاڻ مطابق فيمينزم لاءِ مختلف نظريا ۾ لاڙا

ٿي سگهن ٿا. دنيا جي هر ملڪ ۾ موجود عورتن ۽ مردن جا پنهنجي سماجي حالتن مطابق مختلف نظريا آهن. جيڪڏهن مرد ۽ عورت پنهنجي سماج ۾ موجود تفريقي ۽ استحصالي روين کي بدلائڻ لاءِ ڪوشش ڪن ته اهي فيمينسٽ چورائي سگهن ٿا. ڪوبه مرد توڙي عورت انهن سماجي ۽ ثقافتي قدرن کي چئلينج ڪري، جيڪي عورتن جي بنيادي حقن جهڙوڪ: تعليم، نوڪري، سماجي برابري، ملڪيت ۾ حصي ۽ جيون ساٿيءَ جي چونڊ جي حاصلات ۾ رنڊڪ وجهي ۽ ڪين فرد جي حيثيت نه ڏني وڃي ته عورت جي ان استحصال خلاف آواز بلند ڪرڻ وارين کي عورتا۔وادي سمجهي سگهجي ٿو.

عورت واد جي تحريڪ کي آمريڪا ۽ يورپ ۾ هلايل عورتن جي سياسي مهم سان به سلهاڙيو وڃي ٿو ته ڪجهه ليکڪ وري عورت سان ٿيندڙ ناانصافي خلاف اُٿاريل آواز کي به ’فيمينزم‘ چون ٿا. فيمينزم کي ڪنهن هڪ دؤر ۾ محدود نٿو ڪري سگهجي. جيئن ته هي نظريو سماجي ۽ ثقافتي روين کي پڌرو ڪري ٿو، ان ڪري هر دؤر ۽ هر علائقي ۾ هن جي وصف تبديل ٿي سگهي ٿي. هر مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ عورت، پنهنجي سمجهه ۽ شعور مطابق، پنهنجي سماجي حالتن مطابق ان جي وصف ٻڌائي سگهي ٿي. فيمينزم ۾ سماج ۾ صدين کان رائج نظرين قدرن، رسمن ۽ رواجن تي بحث ڪيو ويندو آهي.

> “The term “feminisms” came in to English usage around the 1890, but women’s conscious struggle to resist discrimination and sexist oppress can goes much further back.” (1)

**ترجمو:** ”فيمينزم جو اصطلاح انگريزيءَ ۾ 1890ع ڌاري استعمال ٿيو پر عورتن جي شعوري جدوجهد ۾ جنهن سماجي ۽ جنسي متڀيد خلاف مزاحمت نٿي ڪئي، اها گهڻو اڳي جي آهي.“

اهو چئي سگهجي ٿو ته عورت واد/فيمينزم جو اصطلاح 19صديءَ کان استعمال ٿيڻ شروع ٿيو، پر عورتن جي شعوري جدوجهد جيڪا استحصالي قدرن جي خلاف آهي، اها تمام پراڻي آهي، اهو فيمينزم ۾ تهذيب يافته دور طرف عورتن جو کنيل پهريون قدم هو.

اهي سڀ سماجي نظريا، جيڪي صرف مرد جي بالادستي ۽ حاڪميت ظاهر ڪندي، عورت کي هڪ جاءِ تي محدود ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن۔ فيمينزم انهن کي تبديل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. سماج ۾ رائج رسمن رواجن ۽

ثقافتي قدرن جو مرڪز عورت جي آزادي ۽ خودمختياريءَ کي اجاگر ڪرڻ هوندو آهي. سماجي ۽ مذهبي پابندين جو محور بہ عورت جي ذات ٿئي ٿي. فيمينزم پدرشاهي سماج کي چئلينج ڪري ٿو. پدرشاهي سماج اهو سماج آهي، جنهن ۾ طاقت ۽ حاڪميت جا سمورا اختيار مرد کي حاصل آهن.

پدرشاهي سماج ۾ طاقت ۽ اختيار جا سڀ ذريعا مرد جي هٿ_وس هوندا آهن ۽ عورت ان جي حاڪميت جو سڌو سنئون شڪار ٿيندي آهي. اهڙي سماج ۾ عورت کي هر طرح سان مرد جي حاڪميت جي زير اثر رهڻو پوي ٿو. عورت واد تحريڪ ۾ شامل ٿيندڙ عورتن، هڪ فرد جي حيثيت سان پنهنجي سڃاڻپ لاءِ جدوجهد ڪندي واضع ڪيو تہ مرد سان سماجي بندڻ ۽ رشتا عورت جي سڃاڻپ نہ آهن، رشتن جي بندڻ کان الڳ عورت پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿي، اها جدوجهد ۽ سڃاڻپ مختلف ملڪن، علائقن ۽ دؤرن ۾ جاري رهندي آئي آهي.

دنيا جي هر سماج ۾ عورت سان لاڳاپيل مسئلا ۽ جنسي تفريق تي مشتمل رويا پڻ ساڳيا آهن. ان ڪري فيمينزم جو نظريو اهميت رکي ٿو جيڪو عورتن کي سندن بنيادي حقن جي جاڻ ڏيڻ سان گڏ تحفظ پڻ ڏئي ٿو. هي نظريو ڪنهن هڪ خطي يا ملڪ لاءِ مخصوص ڪونهي. بلڪہ سڄي دنيا جي عورتن جي نقطہ نظر جي وضاحت ڪري ٿو.

آمريڪا ۾ 19صديءَ جي دوران غلاميءَ خلاف هلايل مزاحمتي سرگرمين سان گڏ تحريڪ شروع ٿي، جنهن ۾ Lucrative Math ۽ Elizabeth Caddy Stanchion سرگرم هيون. 1869ع ۾ ٻن تنظيمن جو بنياد وڌو ويو. هڪ The Ballot for Women ۽ Association The National Women Suffrage، جنهن جي اڳواڻ ليوسي استون هئي.

خودمختياريءَ جون ڪيترين ئي معنائون ۽ گهڻا مفهوم ٿي سگهن ٿا، جيڪڏهن عورت جي خودمختياريءَ کي ڪنهن خاص سوچ ۽ نظريي جي نڪتہءِ نظر سان پرکجي ۽ ان کي سنڌي ناول ۾ ڳولجي، تحقيق ڪجي تہ سنڌي ناول ۾ عورت جي خودمختياريءَ کي ڪهڙيءَ ريت بيان ڪيل آهي.

> ڊاڪٽر روزميري اگونيٽو پنهنجي پي.ايچ.ڊيءَ جي ٿيسز ۾ لکي ٿي تہ:
> “The most profound changes in my life case when I discovered feminisms, I have never been the same since. It seemed like a veil fell from my eyes and I saw the world in a totally different ways.”(2)

**ترجمو:** ”منهنجي زندگيءَ ۾ گهڻيون تبديليون ان وقت آيون، جڏهن مون فيمينزم کي پرکيو ۽ پوءِ آءٌ ساڳي نہ رهيس، ائين لڳو ڄڻ تہ منهنجي نظرن اڳيان کو پردو هٽي ويو هجي ۽ پوءِ مون دنيا کي مڪمل طرح سان مختلف نموني سان ڏٺو.“

ڊاڪٽر روزميري ان نظريي کي سمجهڻ کان پوءِ زندگيءَ کي مختلف انداز ۾ پرکيو هو پنهنجا تجربا ٻڌائيندي وڌيڪ لکي ٿي تہ:

> “I saw for the first time the script I unconsciously follow – she that cutter had written for me. I saw the repression and limitations for women built into the structure of the traditional any.”(3)

**ترجمو:** ”مون پهريون پيرو ڏٺو تہ غيرشعوري طور تي آءٌ اُن لکت جي پوئواري ٿي ڪريان، جيڪا مون کي ڪلچر ڏَسي ٿو مون انهن پابندين ۽ حدن ۾ ڏٺو جيڪي روايتي خاندانن ۾ صرف عورتن لاءِ ناهيون وينديون آهن.“

**فيمينزم ۾ عورت جي آزادي ۽ خودمختياريءَ جو تصور:** عورت جي آزادي ۽ خودمختياري هميشہ سجاڻ ۽ ثقافتي نظرين جي گهيري ۾ قائل رهي آهي. سماجي پابندين جا دائرا عورت جي آزادي ۽ خودمختياريءَ جي تصور کي محدود ڪن ٿا. سماجي ۽ مذهبي پابنديون ڪڏهن بہ عورت کي مرد جي برابر، آزاديءَ جو تصور ڏيئي نہ سگهيون آهن. فيمينزم ۾ عورت جي آزادي ۽ خودمختياريءَ لاءِ انساني حقن مطابق گهُر ڪئي وڃي ٿي. پنهنجي زندگيءَ تي ايترو ئي اختيار جيترو سماج ڪنهن مرد کي ڏئي ٿو جيڪي سهولتون ۽ مراعتون سماج ۾ خاندان جي مردن کي ميسر آهن، عورتن لاءِ پڻ انهن ساڳين حقن جي گهُر ڪئي ٿي وڃي. عورت بہ سماج ۾ ايتري ئي اهميت ۽ عزت جي لائق آهي، جيترو مرد آهي. هن سماج ۾ مرد ۽ عورت جي سماجي حيثيت جي تعين جا پيمانا الڳ ڪيا ويا آهن. عورت هجڻ جي حيثيت سان، عورتن جي ڪم کي مڃتا نہ ڏيڻ، ڪين سماجي عمل سان پوئتي ڌڪڻ وارن نظرين جي فيمينزم ۾ نفي ڪئي وڃي ٿي. آزاد ۽ خودمختيار عورت، جيڪا پنهنجي زندگي مرضي ۽ قابليت مطابق گذاري ٿي، سماج ۾ ان تي تمام گهڻي تنقيد ڪئي وڃي ٿي. عورت پنهنجي هر عمل لاءِ سماج ۽ خاندان اڳيان جوابده هجي ٿي، جڏهن تہ مرد هر پابنديءَ کان آزاد سمجهيو ٿو وڃي.

فطرت هر انسان کي آزاد پيدا ڪيو آهي، کيس پنهنجي زندگي، انفرادي رضا ۽ خوشيءَ سان گذارڻ جو حق آهي؛ پنهنجي زندگيءَ جي طور طريقن جو تعين بہ انسان پاڻ ڪندو آهي. سماجي ادارا انسان جي حفاظت ۽ ڀلائي لاءِ ناهيا ويا آهن.

انسان پنهنجي زندگي آسان بنائڻ لاءِ مختلف هنر بہ سکندو رهيو ۽ سماجي جوڙجڪ بہ پنهنجي فائدي لاءِ جوڙيائين، عورت سان ناانصافي اها ٿي تہ مرد پاڻ کي سُکيو رکڻ لاءِ عورت جو استحصال شروع ڪيو. عورت کي صرف ۽ صرف مرد کي خوش ڪرڻ ۽ سڪون جو سامان سمجهيو وڃڻ لڳو.

بقول ٽرانٽسڪي ليون:

”جيستائين گهر ۾ زال ۽ مڙس جي حقيقي برابري نٿي ٿئي تہ ايستائين سماجي ڪمن ڪارين ۽ سياست ۾ انهن جي برابريءَ جي باري ۾ سنجيدگيءَ سان ڪجهہ بہ نٿا چئي سگهون. جيستائين عورت سلائي، ڪڙهائي، ڪاڌو پچائڻ، خاندان جي سنڀال ۽ ٻين گهريلو ڪمن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندي، ان وقت تائين سياسي زندگي يا سماجي سرگرمين ۾ ان جو حصو وٺڻ جا موقعا نہ هجڻ جي برابر هوندا آهن.“(4)

اها ئي ڳالهہ فيمينسٽ عورتون بہ چون ٿيون تہ گهر جي ڪم کي عورتن لاءِ مخصوص ڪرڻ، انهن کي اُتي محدود ڪرڻ، انهن جي فطرتي صلاحيتن کان انڪار ڪرڻ آهي. عورتن کي پنهنجي صلاحيت ۽ قابليت مطابق ڪم ڪرڻ جا موقعا ڏيڻ سماج جي ترقيءَ جو باعث بڻجي سگهي ٿو.

حقيقي خودمختياريءَ ۾ آزادي اها آهي تہ عورت جي زندگيءَ جي هر عمل تي سندس پنهنجو اختيار هجي. سماجي قانون ۽ ريتون رسمون، جيڪي سندس مشن ۽ صلاحيت تي پابنديون مڙهين، انهي کي مٽائڻ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ فيمينزم آهي.

خاندان ۾، گهرن ۾ ڇوڪريون ننڍپڻ کان ئي تفريقي روين کي منهن ڏينديون آهن. اڪثر مائرون ڪارائڻ پيارڻ ۾ پُٽن کي اوليت ڏينديون آهن. پهرين ڪاڌو مردن جي اڳيان رکيو ويندو آهي، آخر ۾ عورتون کائينديون آهن.

خاندان ۾ گهريلو معاملا عورتون هلائينديون آهن، پر اهميت مردن جي ڳالهہ کي ڏني ويندي آهي. اسان جي ادب ۾ اهي تفريقي رويا نمايان طور تي موجود آهن. پڙهيل لکيل عورت شهر ۾ رهندڙ هجي يا ڪنهن ڳوٺ جي اڻ پڙهيل عورت هجي، هن لاءِ سماج ۾ رويا ساڳيا ئي آهن.

عورت جي محنت، صلاحيت، قابليت ۽ ذهانت سميت هر خوبي محض عورتپڻي سبب لڪي وڃي ٿي، سماجي ڍانچو مڪمل طرح سان مرد جي حاڪميت

کي تسليم ٿو ڪري. عورت تي ٿيندڙ تشدد جي ذميوار خود عورت کي سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن شاديءَ کان پوءِ ڪا اڻ وڻت يا جهيڙو ٿئي ٿو ته به ان جو ڏوهه عورت مٿان ئي مڙهيو ويندو آهي. سماجي ڍانچي جي مڪمل طرح سان پرک ۽ عورت جي خودمختياري کي سنڌي ادب جي صنف ناول ۾ چڱيءَ طرح پرکي سگهجي ٿو. ڇو ته ناول ادب جي اهم صنف آهي، جيڪا سچي زندگي ۽ زندگيءَ جي نظرين کي پڌرو ڪري ٿي. سنڌي ناول ۾ عورت جي آزادي ۽ خودمختياريءَ جي تصور کي فيمنيزم جي نظريي مطابق پرکڻ کان پوءِ اسين ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهنداسين.

**چونڊ سنڌي ناولن ۾ عورت جي خودمختياريءَ جو تصور:** ادب سماج سان سلهاڙيل هوندو آهي. ان لاءِ ادبي تحقيق سماجي صورتحال کي سمجهڻ کان سواءِ مڪمل نٿي ٿي سگهي. سماجي حالتون ۽ واقعا ادب تي اثرانداز ٿيندا آهن. تاريخ اها ڳالهه ثابت ڪئي آهي ته حڪمرانن پنهنجيون حڪومتون مضبوط ڪرڻ لاءِ ادب کي استعمال ڪيو آهي ۽ ڏاڍ ۽ جبر جي زور تي پنهنجي مرضيءَ جون تاريخون لکرايون ويون آهن. آزاد قلمن کي پابند بنائي پنهنجي مرضيءَ جا لفظ تخليق ڪرائڻ عام ڳالهه آهي، جيڪا رَوش صدين کان وٺي جاري آهي.

ناول ادب جي سگهاري صنف آهي، جنهن جي تاريخ ته لکي وئي آهي، پر نظرياتي ڇنڊڇاڻ نه ٿي سگهي آهي. اسان وٽ نظرياتي ادب گهٽ لکيو ويو آهي. هن تحقيق ۾ چونڊ ناول شامل ڪيا ويا آهن ته جيئن عورت جي خودمختياريءَ جي تصور کي واضح ڪري سگهجي ۽ سنڌي سماج ۾ عورت جي حيثيت جي بيهڪ تي به تحقيق ڪجي.

**زينت:** مرزا قليچ بيگ جي لکيل هن مشهور ناول جي مکيه ڪردار ’زينت‘ جي زندگيءَ جا واقعا ۽ حادثا ناول جو مرڪزي خيال آهن. جنهن ۾ عورت کي مصيبتن ۽ مشڪلاتن جو بهادريءَ سان مقابلو ڪندي ڏيکاريو ويو آهي.

> ناول ’زينت‘ سنڌيءَ ۾ پهريون طبعزاد ناول ليکيو وڃي ٿو. ’زينت‘ ناول مرزا قليچ بيگ 1890ع ۾ لکيو هو. هي سماجي موضوع تي لکيل ناول هو جنهن ۾ سنڌ جي سماجي حالتن کي اُجاگر ڪيل آهي. هن ناول ۾ عام سنڌي گهراڻي جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي، جنهن ۾ رواجي طرح سان ڌيءَ جي شاديءَ جي باري ۾ مائٽ پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪن ٿا. زينت تمام سگهڙ، سليقي واري ۽ بااخلاق ڏيکاريل آهي. ماءُ بختاور ۽ پيءُ هڪبئي سان پنهنجا ويچار ونڊيندي اهو سوچين ٿا ته، ڌيءَ جي

شادي ڪرائڻ کان پهرين ان جي مرضي ۽ سوچ جي بہ خبر هئڻ گهرجي. هي سماجي ناول آهي. محبت جو مرڪز گهر ۽ ان جي ڪاروهنوار سان تعلق رکندڙ ڳالهيون آهن.[5]

ناول ۾ زينت جو ڪردار غيرمتنازعہ آهي. هوءَ علامتي طور تي تعليم يافتہ ۽ گهريلو عورت جو مثال آهي. مخصوص روايتن مطابق زندگي گذاري ٿي.

جڏهن بہ گهر ۾ ڇوڪريءَ جي شاديءَ جون ڳالهيون هلن ٿيون تہ هر طرح سان، ڇوڪريءَ جي ذات کي پرکيو ٿو وڃي، هاڻ تہ زينت کي تعليم تي بہ تنقيد جو نشانو بنايو پيو وڃي. سڀ کان وڏيڪ اهميت ان جي ظاهري شڪل و صورت کي ڏني ٿي وڃي ۽ ٻئي نمبر تي سندس برداشت ۽ گهر جي ڪم ڪرڻ کي اوليت ڏني ويندي آهي.

ناول ۾ زينت کي مڪمل بهترين ڇوڪري ڪري ڏيکاريو ويو آهي، پر ان جي باوجود بہ سماجي روين ۽ دستورن مطابق ان مان خاميون تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. مرزا قليچ بيگ ناول جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو تہ:

”هن ناول ۾ اهڙا واقعا ڏنل آهن، جي ٿيڻ جهڙا آهن، جي سڀ ڪنهن انسان جي سِر تي اچي سگهن ٿا ۽ جڏهن منهنجو اهو بہ مطلب هو تہ زالن جي دل تي نيڪيءَ جو اثر ويهاريان، تڏهن هن ۾ جيڪي خيالي ماڻهو آندا اٿم، تن مان مکيہ هڪڙي زال آهي، جنهن تي ساري قصي جو مدار آهي، انهي جي نالي پنيان مون هن ڪتاب جو نالو بہ زينت رکيو آهي“.[6]

ليڪ پاران ڪتاب لکڻ جو جيڪو مقصد واضح ڪيل آهي، اهو نصيحت آميز آهي. ليڪ پنهنجي سوچ ۽ نظريي جو پرچار ڪيو آهي. ليڪ سنڌي عورت کي جهڙي روپ ۾ ڏسڻ چاهي ٿو هن اهو زينت جي شڪل ۾ پيش ڪيو آهي.

**اتحاد:** سنڌي ناول ’اتحاد‘ جنهن دور ۾ لکيو ويو هو اهو دور سنڌي سماج لاءِ تمام افراتفريءَ وارو دور هو. ٻيءَ جنگ عظيم جي خاتمي کان پوءِ معاشي بدحالي ۽ مايوسيءَ جو دور هو. آزادي جي تحريڪ بہ هلي رهي هئي، هندو مسلم فساد پنهنجي عروج تي هئا. 1940ع ۽ 1941ع واري دور ۾ جيڪو ادب لکيو ويو، ان کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو هڪ اهو ادب جيڪو سرڪاري پنيرائيءَ جي ٽيڪ تي مشتمل هو ۽ ٻيو اهو جيڪو عام ماڻهن جي جذبات کي ظاهر ڪندڙ هو. سنڌ جي صوفي

ثقافت مطابق، مختلف مذهبن جا ماڻهو سنڌ ۾ گڏجي زندگي گذاريندا هئا. ناول ’اتحاد‘ هندو مسلم جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. گُلي سدارنگاڻي پنهنجي ناول لکڻ جي مقصد جي باري ۾ لکي ٿي تہ:

”هندو مسلم جهڳڙي ۽ فساد جا پڙلاءَ جڏهن منهنجي ڪن تي پوندا آهن، تڏهن اندر ۾ اها ئي آس اُٿندي اٿم تہ اهڙو ڪو نوجوان جاڳي، جو هندو مسلم اتحاد جو ناد وڄائي، خاص ڪري اسان جي سنڌ جون حالتون اهڙيون آهن، جو منهنجو اهو نتيجو آهي تہ سنڌ جو نيتارو سنڌ جي مسلم نوجوان منجهان ئي ٿيندو.“ (7)

گُلي سدارنگاڻيءَ جي تحرير مان مثبت لاڙا محسوس ٿين ٿا. سماجي انتشار کي محسوس ڪري، ان کي ختم ڪرڻ جي خواهش هن کان ’اتحاد‘ ناول لکرايو. گلي سدارنگاڻي پهرين عورت ناول نگار آهي، جنهن پنهنجي ناول ۾ مذهبي متڀيد کي ختم ڪري، انسانيت جي ڳالهہ ڪئي آهي. سندس ناول ‘اتحاد’ جو پلاٽ مضبوط نظرين تي ٻڌل آهي. هو پنهنجي ڪردارن وسيلي پنهنجي فلسفي ۽ سوچ کي واضح ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نظر اچي.

تحريڪ آزاديءَ جي زماني ۾ تخليق ٿيندڙ ادب کان گليءَ جي تحرير ان ڪري بہ مختلف ٿي نظر اچي، جو هوءَ امن ۽ اتحاد جي ڳالهہ ٿي ڪري ۽ اتحاد جا خواب ٿي ڏسي. هي اهو دور هو جنهن ۾ اديب ۽ ليکڪ بہ آزاد نہ هئا، هو گروهہ بنديءَ جو شڪار هئا. اهڙي انتشار واري دور ۾ هندو مسلم اتحاد جي ڳالهہ ڪرڻ بهادري هئي. هن ناول ۾ گلي سدارنگاڻيءَ جا ڪردار، زندگيءَ جي حقيقي ڪردارن جي تمام ويجهو نظر اچن ٿا. ’آشا‘، عام هندو مذهبي گهراڻي سان تعلق رکندڙ ڇوڪري آهي، جنهن کي فقط مذهبي تعليم ڏني ويئي هئي، پر آشا جي ڪردار جي تخليق ڪرڻ وقت سدارنگاڻي هن کي صرف بي جان مجسمو بنائي پيش نہ ڪيو آهي، هوءَ پنهنجي سوچ ۽ سمجهہ بہ رکي ٿي.

ناول هجي يا افسانو گهڻو ڪري ان ۾ جڏهن بہ عورت جو ڪردار تخليق ڪيو ويندو آهي تہ ابتدا ان جي ظاهري سونهن ۽ سوڀيا کان ٿيندي آهي. ناول جي هيروئن هميشہ تمام سهڻي ڏيکاري ويندي آهي ۽ هن جي ظاهري حُسن جي واکاڻ ڪئي ويندي آهي، ان کان پوءِ هن جو اخلاق سندس سڄي خاندان سان رويو ظاهر ڪيو ويندو آهي، ڇوڪري سليقي واري تمام سگهڙ ۽ هر وقت پيءُ ۽ ڀاءُ جي خدمت ۾ حاضر رهڻ واري هجي تہ ڪيس سلڇڻي سمجهيو ويندو آهي، ڪردار جي پنهنجي

سوچ، سمجهہ، مرضي، خيال، طبيعت کي تمام گهڻ ظاهر ڪيو ويندو آهي. هن ناول ۾ سدارنگاڻيءَ جا ڪردار روايت کان مختلف آهن. هن ناول جي عورت پنهنجي سمجهہ ۽ خيالن جو اظهار ڪندي نظر ٿي اچي، هوءَ بي جان مجسمو ناهي.

اتحاد ناول جو ڪردار ارونا، حامد سان عورت جي حقن بابت طويل بحث ڪري ٿي. ارونا واضح طور تي چوي ٿي تہ عورت مردن جا حق نٿي کسي، پر انساني حقن يعني انصاف جي گُهر ٿي ڪري، عورت کي مرد جيان پنهنجون اُڇايون ۽ پنهنجون سوچون آهن. مرد هميشہ عورت کي پنهنجو پابند رکڻ چاهيندو آهي.

"سماجڪ انياءَ تہ ڏسو سڀ بنڌڻ ۽ پابنديون استريءَ مٿان، مرد سڀ کان آزاد! جي ڌرم رچيو ويو تہ بہ استريءَ کي قابو ڪرڻ لاءِ، جي اخلاقي نيتيءَ جي چار اُٿي ويئي سا بہ استريءَ کي قابو ڪرڻ لاءِ، قاعدا قانون سڀ زال ذات لاءِ، مرد کي ڇُوٽ ڇڙواڳ!" (11)

هن ناول جا ڪردار پڙهيل لکيل ۽ مثبت سوچ رکندڙ ڏيکاريل آهن. ارونا ۽ حامد جي گفتگوَ جي برابر حقن جي ڳالهہ کي واضح ڪيل آهي. ناول جي هيروئن 'آشا' آهي ۽ هيرو 'حامد'، ٻنهي جو مذهب مختلف آهي، پر هو هڪٻئي کي پسند ڪن ٿا، ٻنهي جي سوچ ۾ هڪجهڙائي ڏيکاريل آهي. حامد جي نظر ۾ عورت جي آزادي ان جو حق آهي. هو پنهنجي سماجي نظام تي تنقيد ڪندي بہ نظر اچي ٿو ۽ ان ۾ بهتر تبديليءَ جي خواهش رکي ٿو. آشا جي ڪردار کي ناول ۾ سگهارو ڏيکاريل آهي، آشا سماج کان ڪٽيل گهر ۾ بند ٿيل ڇوڪري نہ آهي، ناول ۾ جنهن دور جي عڪاسي ڪيل آهي. ان دور ۾ هندو ۽ مسلمانن جا جهيڙا هلندڙ هئا پر آشا ۽ ناول جا ٻيا ڪردار انهن نفرتن جي باهہ کي ختم ڪندا ٿا نظر اچن. آخر ۾ آشا ۽ حامد جي شادي ڪرائي، سدارنگاڻي پنهنجي ناول کي تمام منفرد بنائي ڇڏيو آهي. ناول جو مرڪزي خيال "اتحاد" تمام واضح پيغام ٿو ڏي، ان مذهبي رواداري ۾ آهي تہ مرد ۽ عورت جي سماجي رشتن ۾ برابري ۽ اتحاد جي ڳالهہ ڪيل آهي.

**وڏوا**: نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جي لکيل هن ناول سماج تي کليل تنقيد ڪئي آهي، اهي سماجي ريتون رسمون صرف ۽ صرف عورت لاءِ ٺهيل آهن. انهن جو ذڪر ڪيو اٿس، پُڄاري پنهنجن ڪردارن جي واتان پنهنجي سوچ جو اظهار تمام سهڻي نموني سان ٿو ڪري، سندس ڪردار ناول کي تمام مضبوط ۽ دلچسپ ٿا بنائين. هن ناول ۾ هر عورتپڻي کي نمايان ڪيو ويو آهي، عورت جي جذبن، خيالن، سهپ ۽ صبر کي تحريري طور بيان ڪيو ويو آهي. مرڪزي ڪردار 'سونا' آهي، جيڪا گلاب راءِ جي

ڏيءَ آهي. ماءُ – پيءُ جي وفات کان پوءِ چاچي موتيرام جي گهر ۾ رهي ٿي، سونا پڙهيل لکيل ۽ باشعور ڇوڪري ڏيکاريل آهي. سونا جو ڪردار عام روايتن جي خلاف ڳالهائڻ جي همت رکي ٿو. ناول جا ٽي ڪردار سونا، رشتا ۽ اجيت 'استري راڄ' تي لکيل هڪ اخباري مضمون تي بحث ڪن ٿا، هن مضمون ۾، استري راڄ، جي باري ۾ رکيل هو تہ ڪنهن ديس ۾ عورتن جو راڄ هو جيئن:

"غريب گهرن جون زالون جڏهن پنهنجي ڏنڏي تي ويندي ون آهن، تڏهن مردن کي سمهڻ واري ڪمري ۾ بند ڪري ويندي ون آهن. ائين ڪرڻ ۾ سندن مراد هوندي آهي تہ مرد پاڻ کي پاڪ رکن ۽ خراب عادت کان پري رهن، مردن کي ڪابہ اهڙي سکيا ڪانہ ڏيڻ ۾ ايندي آهي، جنهن کي علم سڏي سگهجي. هن کي گهڻو ڪري جهالت جي اونداهہ ۾ رکيو ويندو آهي".

اجيت جنهن مهل ان مضمون تي اعتراض ڪيو تہ سونا چيو:

"جيڪي مرد جي برخلاف هجي سو ٺيو اُبتو زالن ۾ شايد ساڳيو ساهہ ڪونهي؟ مرد پلي زالن کي پيڙهين، باقي زالن ڪجهہ ڪيو تہ اهائي عجيب روش ۽ ابتي رسم."(9)

رتنا جي ماءُ بہ بحث ۾ حصو وٺندي چوي ٿي:

"اڄڪلهہ جو سماج زالن ڏانهن پنهنجيون جوابداريون محسوس نہ ٿو ڪري، ڇاڪاڻ جو ان جا بانيڪار اڪثر مرد ئي آهن. عورت ٻاهران آزاد نظر اچي ٿي، ڪاڏي پيتي جي ڪيس منع ڪانهي، ڪپڙي لٽي پائڻ کان هن کي ڪو جهلي ڪونہ ٿو، مگر هن جي دل آزاد ڪانهي، اها سماجڪ زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي."(10)

عورت کي صرف مخصوص دائرن ۾ قيد ڪيو ويندو آهي. هن ناول ۾ ڪردار ان مخصوص دائرن کي چئلينج ڪن ٿا، ائين بہ سمجهجي تہ عورت جي ظاهري آزادي، آزادي ناهي.

"اها ارمان جي ڳالهہ آهي جو زال، جا مرد جي هستيءَ جو ڪارڻ آهي، سا مرد اڳيان آزاديءَ لاءِ ويني ٻاڏائي. اهو ڪهڙو قانون آهي، جو جنهن کي پالي وڏو ڪجي، تنهن اڳيان پاڻ کي ڪمزور ۽ ڪم طاقت محسوس ڪجي."(11)

عورت جي آزادي ۽ اختيار بابت مٿين سوچ رکندڙ سونا جي زندگي، شاديءَ

ڪان پوءِ تمام صبر آزما ٿي گذري. اجيت هن کي ڇڏي ٻئي شهر ۾ هليو وڃي ٿو سونا هن کي خطن ذريعي پنهنجن جذبن ۽ انتظار کان آگاهه ڪندي ٿي رهي. سماڳڻ هوندي به وڏوائن جيان زندگي گذاري ٿي. اجيت، چندرا کي پسند ڪري ٿو سونا ان کي شاديءَ جي اجازت به ڏئي ٿي ڇڏي، پر اجيت آپگهات ٿو ڪري. سونا جو ڪردار ان حادثي کان پوءِ وڌيڪ بااختيار ٿو نظر اچي. هوءَ چوي ٿي:

”مان جيڪڏهن پورهيو ڪري ڪمائي سگهان ٿي، ته پوءِ ڇو ٻين تي بار پوان؟“

سونا بيواهن جي خيرات وٺڻ جي خلاف آهي. هوءَ مندرلين ۽ ڌرم شالائن جي خلاف ٿي به پنهنجو ڇتو موقف بيان ڪري ٿي ته بيواهن کي سماج کان الڳ رکڻ صحيح ناهي. اها شرم جهڙي ڳالهه آهي، جو وڌوائن جي پالنا لاءِ ماڻهن کان چندا وٺجن ۽ اوڳر ڪجي؟ وڌوائون سماج تي بوجهه آهن.“ (12)

هو پاڻ ڪمائي پنهنجي پيرن تي بيهڻ چاهي ٿي ۽ وڌوا جي ڳالهه به ڪري ٿي، پر ناول جي آخر ۾ هوءَ به سماج کان شڪايت رکي ٿي. جيتوڻيڪ سماج هن کي غلط ٿو سمجهي، پر هوءَ پنهنجي راءِ جو اظهار ضرور ڪري ٿي. ناول ۾ سونا ۽ رتنا پاڻ ۾ بحث ٿيون ڪن ته رتنا چوي ٿي:

”سونا! مذهبي يا اخلاقي خيال کان اسان ۾ جيڪو رواج آهي، سو بلڪل ٺيڪ آهي. شادي اهو پوِتر ناتو آهي، جو ڪڏهن به ٽُٽڻو نه آهي، ۽ ان ناتي موجب زال هميشه مرد سان هڪ ٿي.“ (13)

سونا ان ڳالهه کان انڪار ڪندي چوي ٿي ته:

”پر اهڙو پوتر ناتو مرد ٽوڙي سگهي ٿو سماج سڄي جوابداري زالن تي وڌي آهي ۽ مرد کي هر حال ۾ ڇُڙواڳي مليل آهي، جيڪي مرد اهو پوتر ناتو ٽوڙي، ٻهرين زال جي هوندي بي شادي ڪن ٿا، تن کي سماج ڇا ٿو ڪري؟ تن لاءِ مذهب ڇا ٿو چوي؟ جنهن زال جو مرد ٻي شادي ڪري ٿو تنهن جو پتيءَ ڏانهن ڪهڙو رخ هئڻ گهرجي، سماج ڪيئن ٿو اميد رکي ته اها استري پنهنجي پتيءَ کي، جنهن ڪيس دوکو ڏنو عزت ۽ پيار سان ڏسندي؟ تنهن جو ڇوڙ آهي ته پتيءَ جي عِدت بعد استري ساري عمر ان جي ياد ۾ گهاري، اهو ٿيو قدرتي عدت جي حالت ۾، ليڪن جڏهن مرد آپگهات ڪري پنهنجو خاتمو آڻي ٿو ۽ زال جي

آئيندي جو ڪوبہ اونو نہ ٿو رکي. تڏهن دنيا ڪيئن ٿي اميد رکي تہ اها
زال پتي پريم جا فرض پورا ڪندي؟" [14]

سونا جي ڳالهہ ۾ سوال آهي تہ ڪَرب بہ آهي. ساڳيو سماج ساڳيو مذهب، پر مرد ۽ عورت لاءِ ناهيل رواجن ۾ فرق صاف ظاهر ٿو لڳي. عورت صرف گهر ۾ موجود رهي تہ بہ سندس سوچ ۽ فڪر جو استحصال جاري رهندو محسوس ٿئي ٿو.

**بندي**: چندو لال جئسنگهاڻي جو لکيل هي ناول بہ ساڳي موضوع تي لکيل ناول آهي، جنهن ۾ 'گومتي' جڏهن وڌوا ٿئي ٿي تہ مائٽن ۽ عزيزن پاران سخت رويا اختيار ڪيا ٿا وڃن، هن جو ڏير سان گڏ گهر ۾ رهڻ پسند نہ ٿو ڪيو وڃي. گومتي چوي ٿي:

"راجن! نہ گهر مان نڪرڻ نيڪ نہ ٿيندو، لوڪ آهي، هڪ مان وڌوا آهيان، ٻارهن مهينا اڃا ڪونہ گذريا آهن. تنهن کان سواءِ اسان جو سنڌي سماج ايترو برداشت ڪري نہ ٿو سگهي تہ ڏير ۽ ڀاڄائي هوا بدلائڻ لاءِ پهاڙ تي وڃن." [15]

گومتي سماجي رسمن کان واقف آهي. هوءَ انهن کي تسليم بہ ڪري ٿي، پر ان جي سوچ مطابق اهي رويا صحيح ڪونہ آهن. گومتي جو ڪردار جهيڙيندڙ آهي. هن ناول ۾ بہ وڌوا جي ٻئي شاديءَ جو ذڪر ڪيل آهي، هندو مذهب مطابق وڌوا جي شادي منع ڪيل هجي ٿي، ان ڪري اڪثر هندو ليکڪن پنهنجين لکڻين ۾ ان سماجي مسئلي تي قلم کنيو آهي. ورهاڱي کان اڳ جيڪي ناول لکيل آهن، انهن ۾ ان مسئلي جو پرچار گهڻو ٿيل آهي، گومتي پنهنجن جذبن جو اظهار ظاهري طرح ڪري نٿي سگهي تہ پنهنجي ڊائريءَ ۾ هڪ جاءِ تي لکي ٿي تہ:

هي وري ڪهڙي ڪسوٽي آهي مون لاءِ؟ سڄي ڄمار سسڪندي لڇندي گذاريندس، مان پاڻ کي روڪي نٿي سگهان، مان استري آهيان، منهنجي من ۾ استريٽي جا اُمنگ، احساس، اُڌما، ارمان مري ڪونہ ويا آهن، ائين پئي سمجهان تہ مان ٺُٺي رهي آهيان پر مون کي ٽٽڻو ڪونهي، مون کي ختم ٿيڻو ڪونهي. راجن نہ تہ، ٻيو سهي. مان گهر گرهستيءَ جي جيون نئين سر شروع ڪرڻ ٿي چاهيان، ڇا اهڙي تمنا، آرزو يا خواهش ڌارڻ پاپ آهي؟" [16]

اسان جي سنڌي سماجي ناولن ۾ عورت کي مرڪزي ڪردار ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي، پر جڏهن ڪنهن مخصوص نظريي تحت اسين تحقيق جي شروعات ٿا ڪريون تہ صورتحال تمام مختلف ٿي نظر اچي، عورت جو خودمختيار ۽ آزاد هئڻ

۽ پاڻپيرو ٿي زندگي گذارڻ جو مسئلو هر ناول ۾ اٿاريل آهي. پر ان اختيار جي ميجتا وري بہ سوال رهجي ٿي وڃي. عورت جيڪڏهن سماجي روين جي نندا ٿي ڪري تہ باغي ٿي سڏرائي جنهن جي ڪري, سجو خانداني نظام ۽ سماجي نظام ان جي خلاف ٿي ٿو بيهي.

ڪردارن جي بحث ۾ فيمينزم جي نظريي جو پرچار ٿيل آهي, فيمينزم بہ عورت جي برابر حيثيت جي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي ۽ انهن تفريقي روين جي نفي ڪئي ٿي وڃي, جيڪي عورت, عورت هئڻ جي ڪري ڀوڳي ٿي.

نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ جي ناول 'وڌوا' ۾ بہ اهم سماجي مسئلي طرف نشاندهي ڪيل آهي. وڌوا ناول 1943ع ۾ لکيو ويو هو. ان ناول ۾ عورت جي ٻي شاديءَ جي مسئلي تي بحث ٿيل آهي, هندو قانون مطابق وڌوا عورت جي شادي نہ ڪري سگهڻ واري رسم کي ننديو ويو آهي.

چندولال جئسنگهاڻيءَ جو ناول 'بندي' بہ ان ساڳي موضوع تي لکيل آهي, بندي ناول ۾ عورت جي سماجي حيثيت تي بحث ٿيل آهي, ڏنو وڃي تہ سماج جو رويو عورت خلاف تمام ظالم رهيو آهي, بيواهہ ٿيڻ ۾ عورت جو هٿ نہ هوندو آهي, پر بيواهہ عورت هڪ محرم جيان گهر جي ڪُنڊ ۾ بي جان مُورت بڻجي زندگي گذارڻ تي مجبور هوندي آهي.

**لطيفان:** 1945ع ۾ لکيل رام پنجواڻيءَ جو ناول 'لطيفان'[17] سماجي ناول آهي, لطيفان جو پيءُ خون جي الزام ۾ جيل ٿو وڃي ۽ لطيفان پنهنجي چاچي جي گهر ٿي رهي. ملڪيت جي لالچ ۾ چاچي هن جي خلاف سازشون ٿي ڪري ۽ لطيفان گهران خودڪشي ڪرڻ نڪري ٿي. هن ناول ۾ سماج ۾ عورت جي مجبورين جو ذڪر ڪيل آهي. ناول جو هڪ ڪردار رضيہ مظلوم عورت ڏيکاريل آهي, جيڪا پنهنجي گهرواري در محمد جي لاتعلقي ۽ لاپرواهي کي ڀوڳيندي ٿي رهي. هن ناول ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ عورت هر حال ۾ چپ رهي صبر ڪندي رهي, ان جي برعڪس وري ميلارام واسواڻيءَ جي 1939ع ۾ لکيل ناول **'رتنا'**[18] جي هيروئن, شادي کان ان ڪري انڪار ٿي ڪري تہ هن کي پنهنجي آزاديءَ جو سودو منظور ڪونهي, ميلارام واسواڻيءَ جي 1945ع ۾ لکيل ناول 'سشيلا' ۾ بہ بيواهہ عورت جي شادي سان گڏوگڏ بيواهہ مرد جي شاديءَ جي مسئلن تي بہ بحث ٿيل آهي.

**موهني ٻائي:** پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي 1917ع ۾ لکيل ناول 'موهني ٻائيءَ' (26) ۾ عورت جي تعليم تي اعتراض ڪيل آهي, عورت لاءِ صرف ايتري تعليم ضروري قرار

ڏني ٿي وڃي، جيترو هن جي انتظام هلائڻ لاءِ ضروري هجي. هي سماجي ناول آهي، جنهن ۾ شادي هڪ ڪاروبار جيان ڏيکاريل آهي، سڱاوتيءَ جي دوران پئسن جي ڏي وٺ جو ذڪر آهي ۽ ڇوڪريءَ جي سونهن کي سندس سيرت ۽ قابليت تي فوقيت ڏيڻ تي بہ بحث ٿيل آهي. اسڪول کان ڪاليج تائين تعليم جا نقصان بيان ڪيل آهن. عورت جي شعور کي سماج لاءِ نقصان جو باعث سمجهيو پيو وڃي.

پيو نقصان اهو آهي تہ وڌو علم ضرور خودمختياري پيدا ڪندو. انهيءَ ڪري ساڄاهہ ۽ ادب بہ گهٽ ٿيندو جتي خودمختياري اُٿي آهي، اتي ادب مشڪل رهندو. اُتي ٿورو منفي رويو محسوس ٿئي ٿو پر ڪردارن جي بحث مان ان دور جون حالتن ۽ عام ماڻهن جي خيالن جي پروڙ پوي ٿي، هن ناول جو ڪردار موهني پنهنجين سوچن ۾ بلڪل واضح موقف رکندڙ آهي، هوءَ ڏرم تي بہ تنقيدي سوچ ٿي رکي.

”اسان جي زالن کي ملڪ جي رواج موجب رڳو ايتريقدر علم ڏيڻ گهرجي، جنهن مان هو گهر جا، قوم جا فرض چڱيءَ طرح سمجهہ سان بجا آڻي سگهن. انهيءَ مراد حاصل ڪرڻ لاءِ پهرين ڏرمي سکيا ڏيڻ گهرجي، هنن کي اها ميجتا ڏيڻ گهرجي، جنهن مان هو گهر جو ڪارخانو سمجهہ سان هلائي سگهن.“ (19)

سماج ۾ عورت جي آزاديءَ کي مختلف زاوين سان پيش ڪيو ٿو وڃي، سماجي قاعدا عورت جي آزاديءَ کي پسند نہ ٿا ڪن. ان لاءِ عورت جي تعليم تي بہ اعتراض ڪيل آهي.

ساڳيءَ طرح ڪرشن ڪٿواڻيءَ جي ناول **’ياد هڪ پيار جي‘** ۾ هيروئن نندني عورت جي پنهنجي شخصيت ۽ حيثيت تي ڳالهہ ٿي ڪري. نندني چوي ٿي تہ:

”ڇا عورت اڪيلي جِي نٿي سگهي؟ ڇا عورت جي ڪا پنهنجي شخصيت ۽ نجي زندگي نہ آهي؟ ڇا اهو هميشہ ضروري آهي تہ هوءَ ڪنهن مرد سان پلئہ ٻڌي هن جي پنيان ڦيرا پائيندي رهي؟ ڇا ان کان سواءِ عورت جي نجات ڪانهي، ڇوٽڪارو ڪونهي؟“(20)

نندني سماجي رسمن ۽ نظرين جي نندا ٿي ڪري. هو زبردستيءَ جي شاديءَ جي خلاف آهي. هوءَ مرد پاران عورت کي ملڪيت سمجهڻ واري نظريي جي خلاف بغاوت ٿي ڪري.

پوپٽي هيرانندڻيءَ جي 1987ع ۾ لکيل ناول ’سيلاب زندگيءَ جو‘ ۾ عورتن جي حوالي سان ڪجهہ اهم مسئلن جو ذڪر ٿيل آهي. هن ناول ۾ ورهاڱي جي وقت

جيڪا دڪدائڪ صورتحال هئي، ان جو بہ ذڪر آهي، جڏهن هندو سنڌ مان لڏي رهيا هئا تہ گهر جون وڏيون عورتون، نوجوان ڇوڪرين کي خودڪشيءَ جا مشورا ڏينديون هيون، تہ جيئن نوجوان ڇوڪريون مسلمانن جي ور نہ چڙهي وڃن.(21)

هن ناول ۾ نوڪري ڪندڙ عورت لاءِ سٺو تصور پيش ٿيل ناهي.

موهن ڪلپنا جي 1953ع ۾ لکيل ناول ’آواره‘ ۾ بہ تمام حساس موضوع کي اٿاريو ويو آهي. ’ڪملا‘، ’اشوڪ‘ سان محبت تي ڪري، پر اشوڪ، ڪملا کي دوکو ٿو ڏئي. هو پهرين شاديءَ جي ڳالهہ ڪملا کان لڪائي ٿو ناول جو ڪردار موهن بہ عورت لاءِ ڪا چڱي راءِ نہ ٿو رکي.(22)

گهڻا ناول آهن، جن جي موضوعن تي ۽ ڪردارن تي تفصيلي کوجنا ٿيڻ گهرجي. جڏهن سماجي حالت جي روشنيءَ ۾ ناولن جو جائزو وٺجي ٿو تہ اسان کي وڏيڪ تحقيق جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. تحريڪ پاڪستان کان وٺي ورهاڱي تائين ۽ پوءِ واري دور ۾ سماجي ڪمن ۾ عورت تمام گهڻو سرگرم رهي آهي. سرگرم عورتن، مختلف سماجي ۽ سياسي تحريڪن ۾ بہ حصو ورتو، پر انهن بهادر ڪردارن جو ذڪر ناولن ۾ نظر نٿو اچي. ناولن ۾ مظلوم ڪردارن جي گهڻائي آهي، اهي ڪردار، جيڪي سماجي تفريقي رويي جي نندا ڪندڙ آهن. اهي گهٽ تخليق ڪيل آهن، مضبوط ۽ بااختيار عورت جو ذڪر گهٽ ٿو نظر اچي، جيڪي عورتن جا ڪردار پنهنجن حقن جي ڳالهہ ڪن ٿا، اهي بہ اڳيان هلي سماجي روين جي اڳيان هارائي ٿا وڃن.

## حوالا


1. The Webster’s Encyclopedia, 1991, Page 381
2. Rosemary Agomit, Ph.D, No More Nice Girls (Power Sexuality and Successes workplace), Adams, Inc Holbrook Massachusetts, 1993, page No. 94
3. Ibid. page 98
4. ٽرانٽسنٽڪي ليون، ترجمو: رياض ڪشميري (عورت اور خاندان: اردو)، سٽي بڪ پوائنٽ، 2012ع، ص 31
5. مرزا، قليچ بيگ، زينت، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1958ع، ص_ 5
6. ساڳيو، ص 27_28
7. سدارنگاڻي، گُلي، اتحاد، 1941ع، ص: 312
8. ساڳيو، ص 23_24
9. پنياڻي، نارائڻداس، ’وڏوا‘، پبلشر نارائڻ پنياڻي، 1943ع، ص _28
10. ساڳيو، ص 30
11. ساڳيو، ص 30

12. ساڳيو ص 189
13. ساڳيو، ص 228
14. ساڳيو ص 229
15. جئسنگھاڻي، چندو لال، ’بندي‘ (ناول)، هنومان مندر بلڊنگ پپو چاڙهي، ڊڪشن روڊ، ممبئي ـ ص: 138
16. ساڳيو ص ـ 146
17. پنجواڻي، رام، لطيفان پارت جيون ساهتيہ منڊل، بمبئي، 1945ع، ص: 26
18. واسواڻي، ميلارام، رتنا، سندر ساهتيہ، ڪراچي، 1939ع
19. آڏواڻي، پيرو مل مهرچند، موهني ٻائي (ناول)، اسٽئنڊرڊ پريس حيدرآباد، سنڌ، 1917ع، ص: 5
20. ڪتواڻي، ڪرشن، ’ياد هڪ پيار جي‘، چوند پبليڪيشن لاڙڪاڻو ص 30
21. هيرانندڻي پوپٽي / شري راجڪمار چاٻڙيا، ’سيلاب زندگيءَ جو‘، سنڌي سڀا، هيپي هوم هال، ڪيرالا، مئي 1981ع
22. موهن ڪلپنا، آواره، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ڊسمبر 1953ع، ص 26